نهڪي هلو) ڪوئي توکي ماري تہ بہ تون هن سان ائڊجسٽ ٿي
وڃ.

**سوال:** وائيف سان گهڻيئي دفعا ٽڪراءُ ٿي ٿو وڃي تڏهن
مان ڏاڍو دکي ٿو ٿيان.

**دادا شري:** دُکي ٿا ٿين اِيترو ئي نہ پر ڪيترا تہ سمنڌ
ٽپو ٿا ڏين. ڪي وري برانڊي پي ٿا اچن. وڏي ۾ وڏو دک ڇا ج
آهي؟ **Disadjustment** (ڊِس ائڊجسٽمينٽ) جو ائڊجسٽ
ايوري ويهر ڪري تہ ڪهڙو اعتراض آهي؟

**سوال:** تنهن ۾ تہ پُرشارٿ کپي.

**دادا شري:** ڪجهہ بہ پُرشارٿ ڪانهي. منهنجي آگيا ج
پالن ڪريو تہ ''داداجن'' چيو آهي: ائڊجسٽ ايوري ويهر، ت
ائڊجسٽ ٿيندا رهندا. زال چوي تہ تون چور آهين تہ چئوس
''يو آر ڪريڪٽ'' ۾ ٿوري ٽائيم ڪانپوءِ چوي تہ نہ! توهان چوري

نہ هُن جي هلندي آهي. جيڪڏهن توهان اِئين چيو تہ ها
ان جي ئي هلندي آهي تہ هوءَ زور ڏيڻ بند ڪري ڇڏيندي.
هن ڪان تہ اسان ڪي ائين چوڻ گهرجي تہ مِٺا! هُن جي ئي
لندي آهي.

**سوال:** تہ هُن ڪي مکڻ لڳايوسين نہ چئبو؟

**دادا شري:** نہ تنهن کي اِسٽريٽ وي (سِڌو رستو) چئبو.
ا سڀ ڏِنگا رستا چئبا. هن مها دک دائي ڪلجڳ ۾ سُکي ٿيڻ
هي هڪ الڳ رستو ٿو ٻُڌايان. اسان پنهنجي نيرن جو خراب
ريون؟ صبح جو ناستو خراب ٿئي، منجهند جو کاڌو خراب
للب تہ سڄو ڏينهن خراب گُذري.

**سوال:** منجهند جو صبح وارو ٽڪراءُ پلجي وياسين واپس
ي شام جو نئون ٽڪراءُ ٿيو وڃي.

**دادا شري:** ٽڪراءُ ڪهڙي شڪتيءَ سان ٿو ٿئي سو اسين
ٿون نٿا. اونڌو ٿو ڳالهائي تنهن ۾ ڪهڙي شڪتي ٿي ڪم
ري؟ ڳالهائي ڪري واپس اَئڊجسٽ ٿي ٿا وڃون سو سڀ گيان
ن سمجهي سگهجي ٿو. جڳت ۾ اِئڊجسٽ ٿيڻ گهرجي
ڪاڻ تہ هرڪا وستو اَنت واري آهي. جيڪڏهن لنبي عرصي
سين اُها ڳالهہ هلندي رهي تہ بہ توهان اُن کي هيلپ (مدد) نہ
ڪريو پر وڌيڪ ڪنهن بہ نموني جو لاس ٿا ڪريو، توهان
هنجو نقصان ٿا ڪريو ۽ سامهون واري جو بہ نقصان ٿو ٿئي.
ٺي هُن کي ڪير ٿو سُڌاري سگهي؟ ”جيڪو سُڌريل آهي سو
ي ٿو سُڌاري سگهي.“ پنهنجو ئي ٺڪاڻو ڪونهي سو سامهون
ي کي ڪهڙيءَ ريت سُڌاري سگهندو؟

**سوال:** اسين سُڌريل هجون تہ سُڌاري سگهنداسين نہ؟

# هلندي پُڄندي

# گهرِ ۾ هَلندي پُڄندي

گهر ۾ اسان کي پنهنجي هلائڻ نہ گهرجي. جيڪو ماڻهون پنهنجي هلائيندو تنهن کي پٽڪڻو پوندو. اسان بہ هيرا ٻا (داداجن جي پتني) کي چئي ڇڏيو هئو تہ مان ڪونہ سڪو آهيان. نہ هلندڙ ناڻو.

اسان کي پٽڪڻو ڪانهي. ڪونہ سڪو (نہ هلندڙ ناڻو) هجي تہ اُن کي ڇا ڪرڻو آهي. اُن کي ڀڳوان وٽ رهڻو پوندو. گهر ۾ توهان پنهنجي هلائڻ ويندا تہ ٽڪراءُ ٿيندو يا نہ؟ اسان کي تہ هاڻي سمڀاءُ سان نيڪال ڪرڻو آهي. گهر ۾ وائيف سان ”فرينڊ“ طور ئي رهڻ گهرجي. هوءَ توهان جي فرينڊ ۽ توهان هُن جا فرينڊ. هتي ڪير نوٽ ڪونہ ٿو ڪري تہ گهر ۾ تنهنجي هلندي آهي يا هُن جي. ميونسپالٽيءَ ۾ بہ نوٽ ڪونہ ٿا ڪن. ڀڳوان وٽ بہ اِهو نوٽ نہ ٿا ڪن.

اسان کي نيرن سان ڪم آهي يا ڪنهن جِي ٿي هلي اُن سان ڪم آهي؟ تنهن ڪري ڪهڙي رستي سان نيرن سُٺي ملندي تنهن جي جاچ ڪريو. جيڪڏهن ميونسپالٽيءَ وارا اِهو رڪارڊ رکندا هجن ها تہ گهر ۾ ڪنهن جي هلندي آهي تہ جيڪر مان بہ ائڊجسٽ نہ ٿيان ها. هيءُ تہ ڪنهن جو ڪو پيءُ بہ اِهو نوٽ ڪونہ ٿو ڪري!

اسان کي پيرن ۾ ڏاڍو سور هجي ۽ وائيف پيرن کي زور ڏيندي هجي؛ تنهن وقت ڪير اچي اِهو ڏسي چوي؛ ڀائي واهہ! توهان جي، گهر ۾ سُٺي هلندي پُڄندي آهي. تڏهن اسين چونداسين

ن ! ھُن کي سَدِ پُڏي ڏجوس،'' ايترو ضرور ڪرڻ گھرجي، صرف
کي مٿي ٽنگڻ جي ضرورت ڪانھي. ھيءَ ڪو مذاق ناھي؛
''دادا'' جو ائڊجسٽمينٽ جو وِگيان آھي. عجائب
جسٽمينٽ آھي ھيءَ. جتي توھان اِئڊجسٽ نہ ٿيا آھيو اُتي
جو سواد تہ توھان چکيو ئي ھوندو نہ؟ ھيءَ 'ڊِس-
جسٽمينٽ' اِھو ئي مورکپڻو آھي. چاڪاڻ تہ ھو اِئين تو ڄاڻي
ان ڏٺي آھيان ۽ مان پنھنجو ڏٽيپڻو نہ ڇڏيندس ۽ منھنجي
ھلندي پُڇندي ھئڻ گھرجي تہ پوءِ سڄي زندگي ٻڪيو مرندو
ر ھڪ ڏينھن زھر پوندس ٿالھيءَ ۾! جيئن سولائيءَ ۾ سرلتا
ھلي رھيو آھي تيئن ھلڻ ڏيو نہ. ھيءُ تہ ڪلجڳ آھي ڏسو
اتاورڻ ئي ڪھڙو آھي! تنھن ڪري جيڪڏھن زال چوي تہ
ن نالائق آھيو تہ چئجوس، 'ڏاڍو سُنو.'

**سوال:** اسان کي تہ زال جيڪڏھن چئي تہ تون نالائق آھين
ئين لڳندو جھٽڪ وڙھڻ لاءِ اُڪسائي رھي آھي.

**دادا شري:** تہ پوءِ اسان کي ڪھڙو اُپاءُ ڪرڻ گھرجي؟ تہ
يس ٻہ دفعا، تون نالائق آھين ائين چوڻ گھرجي؟ ۽ تنھن
ي ڇا اسان جو نالائق پٽو مِٽجي ويندو؟ اسان کي ٺپو لڳو تہ
ں ڇا اسان کي ٻہ ٺپا ھڻڻ کپن؟ ۽ تنھن کان پوءِ نيرن بگڙندي،
ٻہ زيان ٿيندو ۽ سڄو ڏينھن برباد.

**سوال:** دادا ائڊجسٽمينٽ جي ڳالھہ آھي تہ تَنھنجي
ن پاءُ ڇا آھي؟

**دادا شري:** پاءُ شانتيءَ جو آھي. ھِيتو شانتيءَ جو آھي.
تي اُتپن نہ ٿئي تنھن لاءِ ھيءَ ھڪ ڪلا آھي.

**دادا شري:** ها! سُڌاري سگهون ٿا.

**سوال:** سُڌريل جي وياکيا؟

**دادا شري:** سامهون واري سان توهان وڙهو ته به هُن کي تنهن ۾ پريم ڏسڻ اچي. توهان هُن کي ميار ڏيو يا ٽوڪيو ته به هُن کي توهان ۾ پريم ڏسڻ اچي ۽ چئي او هو هو... منهنجي پيءُ جو مهنجي مٿان ڪيترو نه گهڻو پريم آهي!

توهان هن کي ٽوڪيو پر پريم سان جيئن سُڌري. ڪاليج ۾ جيڪڏهن پروفيسر ٽوڪي ۽ تانو هٽي ته پروفيسر کي سڀ مارين!

سامهون وارو سُڌري تنهن لاءِ اسان جي ڪوشش هئڻ گهرجي پر جيڪا ڪوشش ريئڪشنري (پرتيا گهاتي) هجي اهڙي ڪوشش ۾ پوڻ نه گهرجي. اسين هُن کي دَٻ ڪڍون ۽ ڪيس خراب لڳي تنهن کي ڪوشش نه چئبي. پوءِ ڪوشش اندر ڪرڻ گهرجي، سوڪيم ريت سان. اِسٿول ريت سان جي اسان کي نه اچي ته سوڪيم ريت سان ڪوشش ڪرڻ گهرجي. وڌيڪ نه ٽوڪڻو هجي ته ٿوڙي ۾ چوڻ گهرجي ته هيءُ اسان کي ڪانه ٿو سونهين. بس اِيترو ئي چئي اُتي ڳالهه پوري ڪجي. چوڻو ته پوندو پر چوڻ جي ريت هئڻ گهرجي.

**سوال:** سامهون واري کي سمجهائڻ جو مون پنهنجو پُرشارٿ ڪيو، هاڻي هوءَ نه سمجهي سو سندس پُرشارٿ؟

**دادا شري:** بس ايتري ئي جوابداري اسان جي آهي. اسان هُن کي سمجهائي سگهون ٿا پوءِ هوءَ نه سمجهي ته تنهن جو اُپاءُ ڪانهي. پوءِ اسان کي پرارٿنا ڪرڻ گهرجي ته، ”هي

# ٿيئري آف ريواليوشن
# (Theory of Revolution)

تُنهنجا ريواليوشن ارڙهن سَون جا هجن ۽ سامهون واري جا
سؤ جا هجن ۽ تون تنهنجو اپيپرايہ (Opinion) هُن جي
نوڪي ويهارڻ ويندي تہ سامهون واري جي اِنجن ٽُٽي
ي. اُن جا سيئي گيئر (Gears) بدلٽا پوندا.

سوال: ريواليوشن معنيٰ ڇا؟

دادا شري: ويچار جي هيءَ جا اِسپيڊ (گتي) آهي سا
نهن کي الڳ الڳ هوندي آهي. ڪجھ ٿيو هجي تہ هڪ
۾ اُن اِسپيڊ سان گهٽو ئي ڪجھ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اُن جا سيئي
ہ اَٽ اَ ٽائيم ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هيءُ وڏن وڏن پريزيڊنٽس کي
جا ٻارهن سؤ ريواليِوشن گهمندا ٿا رهن تہ اسان
نچ هزار آهن. مهاوير ڀڳوان کي هڪ لک ريواليوشن هئا.

مت ڀيد پوي ٿو تنهن جو ڪارڻ ڇا آهي؟ توهان جي وائيف
ؤ ريواليوشن هجن ۽ توهان جا پنج سَؤ ريواليوشن هجن ۽
ں کي وچ ۾ جيڪڏهن ڪائونٽر پُلي وجهڻ نہ اچي تہ چٽگون
ديون مطلب جهڳڙو ٿيندو ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ اِنجن بہ
پوندي..

''ريواليوشن'' سمجهيو توهان ؟

هن مزور کي توهان ڪا ڳالھ ٻُڌايو تہ توهان جي ڳالھ هن
ڪانہ ٿي پهچي. هُن جا ريواليوشن پنجاھ آهن ۽ توهان جا

# غلط رستي تي چڙهيل سان گهر وارن جو وهنوار

هڪ ڀاءُ هئو. سو رات جو ٻين ٻجي اَلائي ڇا ڪري گهر
ايندو هئو تنهن جو ورڻن ڪرڻ جهڙو ڪانهي. توهان سمجهي
سگهو ٿا. تنهن کان پوءِ گهر ۾ سڀني فيصلو ڪيو ته هن سان
وڙهڪجي ۽ گهر ۾ ئي اچڻ نه ڏجي. سو سڀ انوپوءِ ڪري مون وٽ
آيا. وڏي ڀاءُ دَٻ ڪڍيس ته ڇپائينس؛ توڪي مارڻ کان سواءِ ڪان
ڇڏيندس. پوءِ گهر جا ڀاتي سڀ مون کان پُڇڻ آيا ته هاڻي هن
جو ڇا ڪريون؟ هيءَ ته هيئن ٿو چوي. تڏهن مون گهر وارن کي
چيو ته، 'کو به هُن کي هڪ اکر به نه چوي.' توهان ڪِيس چوندا ته
وڌيڪ سامهون پوندوَ ۽ جيڪڏهن گهر ۾ اچڻ نه ڏيندا ته چورن ۽
ڌاڙيلن سان سنگت ڪندو. هُن کي جڏهن اچڻو هجي ته اچي ۽
جڏهن وڃڻو هجيس ته وڃي. اسان کي رائيٽ به نه چوڻو ۽ رانگ
به نه چوڻو. راگ به نه رکڻو ۽ دويش به نه رکڻو. ''سمتا رکڻي.'' ت
ٽن چئن سالن کان پوءِ اُهو ڀاوُ سُنو بڻجي پيو! اڄ هو وڏي ڀاءُ کي
ڌنڌي ۾ گهڻو مددگار ٿيو آهي. جڳت نِڪمو ڪانهي پر ڪم وٺڻ
ڪانه ٿو اچي. سڀئي ڀڳوان آهن. سڀئي الڳ الڳ ڪم ڪڻي
وينا آهن. تنهن ڪري ڪنهن لاءِ به ناپسندگي نه رکجو.

# واڻيءَ جو ونهوار

پيڻ: پتيءَ جو ڊپ، اينڊڙ وقت جو ڊپ، ائڊجسٽمينٽ
ڻ ڪانہ ٿو ڏيئي. تنهن وقت تي اسين هُن کي سُڌارڻ وارا
ير آهيون سو ياد ڪانہ ٿو رهي ۽ سامهون واري کي چِتائيندي
ڻ ڪانسواءِ ڪانہ ٿا رهون.

**دادا شري:** سو تہ ويوسٿت جو اُپيوگ ڪري ۽ ويوسٿت
ٽ تي وچيس تہ پوءِ ڪابہ تڪليف ڪانہ ٿيندس. ويوسٿت جو
ان فِٽ ٿيڻ ڪان پوءِ ڪُجھ پُڇڻ جهڙو بہ ڪانہ ٿو رهي.

ڏٺي اچي تہ پيار سان ڪاڏي جي ٿالهي ناهي رکو ۽ چئوس
سائين اچو ڪاڏو ڪائو. هُن جي پرڪرتي بدلجڻ واري ڪانهي.
يڪا پرڪرتي اسان ڏسي وائسي پسند ڪري پرڻجي آياسين
ٺي اُها پرڪرتي آخر تائين ڏسڻي آهي. ڇا پهرين ڏينهن
انہ پئي سمجهيوسين تہ هيءَ پرڪرتي ڪهڙي آهي؟ تڏهن
ني ويڻو هئو نہ؟ وڏيڪ وقت پوءِ اُن سان ڇو ڳڌاريوَ؟

هن گهپيءَ ۽ ڪِٽ پِٽ سان سنسار ۾ ڪجھ فائدو ڪانہ ٿو ٿئي.
صان ئي ٿئي ٿو. هن ڪِٽ پِٽ مان ماڻهو ڪَڪ ٿيو پوي. تنهن
ري ڀڳوان هن کي ''ڪشايہ'' (ڪروڌ مان مايا لوڀ) چيو آهي.

توهان ٻن (ڏٺي-ڏياڻي) جي وچ ۾ جيئن جيئن پرابليمس
نديون ويندديون تيئن تيئن توهان هڪ ٻئي ڪان اندر ئي اندر
ٺ ٿيندا ويندا. پرابليمس سالِوءَ ٿي ويون پوءِ الڳ ڪان ٿيندا.

پنهنج سؤ آهن. ڪنهن کي هزار ٿا ٿين تہ ڪنهن کي ٻارهن سؤ ٿ
ٿين. جنهن جي جهڙي ڊيولپمينٽ هوندي تنهن موجب
ريواليوشن (ڦيٽي چڪر) هوندا آهن. وچ ۾ ”ڪائونٽر پُلي“ وجهند
تڏهن ئي هُن کي توهان جي ڳالهہ پهچندي. ڪائونٽر پُلي معني
توهان کي وچ ۾ ڪائونٽر پُلي وجهي توهان جا ريواليوشن گهٽائي
ڇڏڻا پوندا. مان هرڪنهن ماڻهوءَ سان ڪائونٽر پُلي وجهي
ڇڏيندو آهيان. صرف اَهنڪار ڪڍي ڇڏڻ سان ئي ڪانہ وَرندو
”ڪائونٽر پُلي“ پڻ هرڪنهن سان جوڙڻي پوندي. تنهن ڪري
ئي تہ اسان کي ڪنهن سان بہ مت ڀيد ڪانہ ٿو پوي نہ؟ اسين
ڄاڻون ٿا تہ هن ڀاءُ جا هيترا ئي ريواليوشن آهن. تنهن ڪري اُن
جي انوسار مان ڪائونٽر پُلي جوڙي ڇڏيندو آهيان. اسان جي تہ
ننڍن ٻارن سان بہ ڏاڍي مؤج مستي هلندي آهي. ڇاڪاڻ تہ
اسين اُنهن سان چاليهن ريواليوشن جي چال جوڙي ڇڏيندا آهيون
تنهن ڪري اُنهن کي منهنجي ڳالهہ سمجهہ ۾ ايندي آهي نہ
تہ مشين ٽُٽي پوي.

**سوال:** ڪوبہ سامهون واري جي ليول (سنوت) تي ايندو
تڏهن ئي ڳالهہ ٿيندي؟

**دادا شري:** ها، هُن جي ريواليوشن تي ايندو تڏهن ئي
ڳالهہ ٿيندي. توهان سان ڳالهائيندي اسان جا ريواليوشن ڪٿان
ڪان ڪٿي گُهمي ايندا آهن! سڄي دنيا مان گهمي ايندا آهن
ڪائونٽر پُلي جيڪڏهن توهان کي جوڙڻ نہ اچي تہ تنهن ۾ گهٽ
رِواليوشن واري اِنجڻ جو ڪهڙو ڏوهہ؟ اِهو تہ توهان جو ڏوهہ آهي
جو توهان کي ڪائونٽر-پُلي وجهڻ ڪانہ آئي !

تنھن جو نشچيہ: نشچيہ ئي آھي.

**سوال:** ڪنھن جاڻي-واڻي ھيءَ شيءَ ھيٺ ڦٽي ڪئي تہ
کھڙي ائڊجسٽمينٽ وٺڻ گھرجي؟

**دادا شري:** ھيءُ تہ ھڪ شيءَ ڦٽي ڪئي اتس پر
ڪريءَ ڪي ھيٺ ڦٽو ڪري تہ بہ ''اسان کي ڏسندو رھڻ
ڪي'' پيءُ پٽ کي ڦٽو ڪري تہ بہ اسان کي ڏسندو رھڻ
ڪي. تڏھن ڇا اسان ڏاڏيءَ کي ھيٺ ڦٽو ڪيون؟ ھڪ تہ
ڪاني ۾ پيو آھي ھاڻي وري ٻئي کي بہ دواخاني ۾ موڪليون!
جڏھن ھُن (ڏاڏيءَ جو) جو وارو اچي تڏھن ھو بہ اسان کي
ڪري تہ ٻئي ڄڻان دواخاني ۾.

جُدائي کان ماڻھون ڏُکي ٿين ٿا. سيني کي پرابليمس تہ ڪڙيون ٿينديون. صرف توھان کي ٿين ٿيون ائين ڪانھي. جن بہ شادي ڪئي آھي تن کي پرابليمس ڪڙيون ٿيڻ کان سواءِ ڪانہ ٿو رھي.

ڪرمن جي اُديہ (اُپڙڻ) ٿيڻ تي جھڳڙا ھلندا رھن ٿا. پر زبان سان اُلٽو ڳالھائڻ بند ڪريو. ڳالھہ پيٽ جي پيٽ ۾ رکو ۽ گھر ۾ ڇاھي ٻاھر ڳالھائڻ (نقتچيني، نندا، گِلا) بند ڪريو.

**سوال:** پرڪرتي نہ بہ سُڌري پر وھنوار تہ سُڌرڻ گھرجي نہ؟

**دادا شري:** وھنوار تہ ماڻھن کي اچي ئي ڪانہ ٿو. جيڪڏھن ماڻھن کي وھنوار ھڪ ڏينھن بہ اچي ھا! اڙي; اڌ ڪلاڪ بہ اچي ھان تہ بہ جيڪر گھڻو ڪجھ ٿي وڃي ھا. وھنوار تہ سَمجھيائي ڪانھن. وھنوار معنيٰ ڇا؟ مٿاڇرو وھنوار. (Superflous) : معنيٰ ستيہ نہ.

ھيءُ تہ وھنوار کي ستيہ (سچ) مڃي ويٺا آھن. وھنوار ۾ ستيہ معني ريليٽو (Relative) ستيہ. مطلب تہ ھتان جا نوٽ (رپيا) سچا ھجن يا ڪوڙا; ٻئي ''اُتان'' جي اِسٽيشن تي ڪم ڪانہ ٿا اچن. تنھن ڪري ''پنھنجو'' (Real) ڪم ڪڍي وٺ. ''وھنوار معنيٰ ورتل واپس موٽائي ڏيڻ'' ھيئنر ڪير توھان کي چئي تہ، ويرچند ۾ تہ ڪو دماغ ئي ڪانھي تہ تنھن مھل ڄاڻڻ گھرجي تہ جيڪي ڏنو ھئوسين تنھن جي موٽ مِلي آھي. ھيئن جيڪڏھن توھان سمجھو تہ تنھنجو نالو ونھوار. ھاڻي ھيءُ ونھوار ڪنھن وٽ آھي ئي ڪانہ. ڇاڪاڻ تہ جنھن کي ونھوار

دادا شري: مؤن رهجي ۽ ڏسندو رهجي ته، ڪيا هوتا
سئنيما ۾ ٻارن کي ڦٽو ڪندا آهن ته اسين ڇا ڪندا آهيون؟
ٺ جو اڏيڪار سيني کي آهي پر گهپي نه وڏي اهڙي ريت
جو اڏيڪار آهي. باقي ڳالهائڻ سان گهپي وڏي سو ته آهي
ں جو ڪم.

## ٺوڪڻ جي ريت

سوال: وهنوار ۾ ڪير غلط ڪم ڪري ته هُن کي ٺوڪٽو پوي
نهن ۾ هُن کي دک ٿو ٿئي ته ڪهڙيءَ ريت اُن جو نيڪال
ي؟

دادا شري: وهنوار ۾ ٺوڪٽو پوي ٿو. اُهواَهنڪار سان ٿئي
نهن ڪري اُن جو پرتي - ڪرمڻ ڪرڻ ڪپي. وهنوار معنيٰ
ح.

سوال: هُن کي نه ٺوڪينداسين ته مٿي تي چڙهندو؟

دادا شري: ٺوڪٽو ته پوندو پر ڳالهائڻ اچڻ ڪپي. ڳالهائڻ
ي، وهنوار نه اچي ته اَهنڪار سان ٺوڪڻ ٿيو. تنهن لاءِ پوءِ
ڪرمڻ ڪجي توهان هُن جوپرتيڪرمڻ ڪندا رهندا ته ڇهين
ي، ٻارهين مهني توهان جي واڻي اهڙي نڪرندي جو
ون واري کي مِٺي لڳندي. هاڻي ته ''ٽيسٽيڊ'' واڻي
ي. 'اَن ٽيسٽيڊ' واڻي ڳالهائڻ جو اڏيڪار ڪانهي. هن ريت
پرتيڪرمڻ ڪندا ته چاهي ڪهڙو به هوندو سڌو ٿي ويندو.

# "سَمِيَڪِ واڻي"

**سوال:** تہ پوءِ ڇا چوڻ ٿي نہ گھرجي؟

**دادا شري:** پلي ڇئو پر سَميڪ ڳالهايو. جيڪڏهن ڳالهائڻ اچيوءَ تہ. نہ تہ ڪُتن وانگر ڀوئنڪڻ جو ڪهڙو مطلب؟ تنهن ڪري سَمِيَڪِ ڳالهايو.

**سوال:** سَميڪ معنيٰ ڪهڙيءَ ريت؟

**دادا شري:** او هو هو!! توهان هن ٻارڪي ڇو ڦٽو ڪيو؟ اِن جو ڇا ڪارڻ؟ تڏهن هو چوندو تہ ڏسي وائسي ڇا مان ڦٽو ڪندس؟ هيءَ تہ منهنجي هٿن مان ڪسڪي ويو ۽ ڪري پيو.

**سوال:** پر اِهو تہ هنن ڪوڙ ڳالهيو نہ؟

**دادا شري:** هو ڪوڙ ٿو ڳالهائي سو اسان کي ڏسڻو ڪانهي. ڪوڙ ڳالهائي يا سچ ڳالهائي سا سندس جوابداري آهي. اسان جي جوابداري ڪانهي. اِهو تہ جيئن سندس مرضيءَ ۾ اچي تيئن ڪري. هن کي ڪوڙ ڳالهائڻو آهي يا اسان کي خلاص ڪرڻو آهي سو سندس هٿ ۾ آهي. رات جو اسان جي مٿ ۾ زهر وجهي ڇڏي تہ اسان تہ خلاص ٿي ويندا سين نہ! تنهن ڪري جيڪي اسان جي هٿ ۾ ڪانهي سو اسان کي ڏسڻو ڪانهي. سميڪ ڳالهائڻ اچي تہ ڪم جو، تہ پيارا هن مان توکي ڇا فائدو ٿيو؟ تہ پاڻهي هو قبول ڪندو. توهان سَميڪ نہ ڳالهائيندا ۽ پنج سيري ڦٽي ڪندا تہ هو توهان کي ڏهہ سيري هڻندو!

**سوال:** ڳالهائڻ نہ اچي تہ پوءِ ڇا ڪجي؟ چُپ رهجي؟

هن ڏينهن نرم ٿيندو. توهان ھُن کي دٻ ڪڍي نرم ڪندا تہ
ن سان ڪجھ بہ نرم ڪانہ ٿيندو. اڃ نرم ڏسڻ ۾ ايندو پر من ۾
ڪري رکندو ۽ جڏهن اسان نرم ٿينداسين تڏهن سڀ واپس
ائي ڏيندو . مطلب تہ جڳت وير وارو آهي. قدرت جو نيم
و آهي؛ وير رکڻ. اندر وير جا پرماڻو ڦاهي جوڙي رکندو. تنهن
ي اسان کي سڄو ئي ڪيس پورو ڪري ڇڏڻ گهرجي.

**سوال:** اسين سامهون واري کي مؤن ٽوڙڻ لاءِ چئون ڪيس
جهايونس تہ بابا هاڻي اسان جي ڀل لاءِ معاف ڪر تہ بہ هو
ڪ مٿي چڙهي تہ ڇا ڪجي؟

**دادا شري:** اُن ٽائيم تي اسان کي ڳالهائڻ بند ڪرڻ
. هي ماڻهو ڦڏئي آهي اِهو جاڻي اُتي بند ڪجي. ٽي
ي تو هُن کي اونڌو گيان ڦٽ ٿيو آهي تہ '' بهوت نمي وو
ن'' تہ اِهو جاڻي هُن ڪان پاسو ڪجي. پوءِ جيڪو حساب ٿيو
برابر. پر جيترا سرل هجن نہ اُتي نيڪال آڻي ڇڏڻو. اسان جي
۾ ڪير ڪير سرل آهن ۽ ڪهڙا ڦڏئي آهن ڇا اِها خبر
هي؟

**سوال:** سامهون وارو سرل نہ هجي تہ ڇا اُن سان وهنوار ٽوڙي
ڻ گهرجي؟

**دادا شري:** نہ ٽوڙڻ گهرجي. وهنوار ٽوڙڻ سان ٽٽي بہ
ـ تو. وهنوار ٽوڙڻ سان ٽٽي اهڙو آهي بہ ڪانہ. تنهن ڪري
اسان کي مؤن رهڻ گهرجي تہ ڪنهن ڏينهن غصي ٿيندو ۽

# نہ ڳالھائيندي بہ ڳالھائڻ

**سوال:** ڳالھائڻ بند ڪري ڳالھہ ڪي ٽارڻ سان اُن جو نيڪال آڻي سگھجي ٿو ڇا؟

**دادا شري:** ائين ڪانہ ٿو ٿي سگھي. اسان کي تہ سامھون وارو (جنھن سان ڪنھن ڳالھہ بابت، ڇُپي ساڏي ھجي) گڏجي تہ کھڙو حال آھي؟ سڀ ڪيئن پيو ھلي؟ ائين ھُن سان ڳالھائڻو ۽ سامھون وارو رڙيون واڪا ڪري تہ ٿوڙو ترسي، ڌيرج رکي، آھستگيءَ سان سمر ڀاؤ رکي نيڪال ڪرڻو. جڏھن تڏھن ان جو نيڪال تہ ڪرڻو ئي پوندو نہ؟ اسان ھُن سان ڳالھائڻ بند ڪيو تنھن ڪري ڇا ھُن جو نيڪال ٿي ويو؟ نيڪال ڪانہ ٿو اچي تڏھن ئي تہ ھڪ ٻئي سان ڳالھائڻ بند ٿيو آھي. ڳالھائڻ بند ڪرڻ معنيٰ بوجو. جنھن جو نيڪال نہ ٿيو آھي تنھنجو بوجو.

اسان کي تہ تُرت ھُن کي بيھاري چوڻ گھرجي؛ ترس منھنجا پيارا! اسان جي ڪا ڀل آھي تہ ٻڌاءِ. منھنجون ڏاڍيون ڀلون ٿيون ٿين. توھان تہ داناءُ ۽ پڙھيل - ڳڙھيل آھيو تہ توھان جون ڪانہ ٿيون ٿين پر مان گھٽ پڙھيل آھيان تنھن ڪري ڀلون گ ھڻيون ٿيون ٿين اِئين ڪيس چونداسين تہ راضي ٿي ويندو.

**سوال:** اِھو سڀ چوڻ ڪان پوءِ بہ ھو نرم نہ ٿئي تہ ڇا ڪجي؟

**دادا شري:** نرم نہ ٿئي تہ اسان کي ڇا ڪرڻ کپي؟ اسان کي ڇٽي ڇڏڻ گھرجي. ٻيو کھڙو اُپاءُ؟ جڏھن تڏھن ڪنھن نہ

نيڪال ٿئي. اسين ٻالڪ وانگر رهندا آهيون تہ جيئن هوندو
تيئن چئي ڇڏيندا آهيون.

هيئن بہ چوندا آهيون، هوئن بہ چوندا آهيون.
ماڻهپائيءَ جي گهڙي ضرورت آهي. تون وڏو ٿيو آهين
ن بہ آيون اٿئي پوءِ بہ تو مُڇون رکيون آهن؟

ڪسوٽي (اِمتحان) اچي اُهو ٻاهَن وارو چئجي. تنهن ڪري
ڪنهن ڳالهہ جو اُڪيل آڻيو. ضد نہ ڪريو. توهان کي ٻُل ٻڌائي
خوش ٿيو؛ ٻائي واهہ! توهان کي اسان جي ٻلن جي خبر
! ڏاڍو سُٺو!

نردوشتا هوندي ئي ڪانهي. هي تہ ٿوڪا ٿوڪ هلندي ٿي
. ڪرمن جي اُديہ انوسار ڏک لڳندو ٿو رهي. تنهن گهڙي
جي ٻُل آهي ائين هلنداسين تہ ڪرم ڍلا ٿيندا نہ تہ مٿي
هٿوڙي جيان لڳندا رهندا.

اسان جو حساب پورو ٿي ويندو. اسان مؤن رکنداسين ته ڪنهن ڏينهن هو غصي ٿيندو ته تون ڳالهائين ڪانه ٿو؛ گهڻن ڏينهن کان گونگن وانگر پيو گهمين وغيره! اِئين غصي ٿيندو ۽ اسان جو حساب پورو ٿي ويندو. ته پلا پيو ڇا ڪجي؟ هيءَ ته ڪيترن ئي نمونن جو لوهه ٿيندو آهي. اسين سيني کي سڃاڻون. ڪيترن کي وڏيڪ گرم ڪريون ته مُڙندا. ڪيترن کي وري پنيءَ ۾ وجهڻو پوندو آهي. پوءِ جهٽ به هٿوڙا هنيا ته مُڙي ويندا. هيءُ ته نموني نموني جا لوهه آهن. تنهن ۾ آتما سا آتما آهي، پرماتما آهي ۽ لوهه سو لوهه آهي. هي سڀ ڌاتو آهن.

**سوال:** اسان کي گهر ۾ ڪنهن شيءَ جو ڌيان نه رهندو هجي ۽ گهر وارا اَسان کي ڌيان رکُ، ڌيان رکُ اِئين چوندا هجن ته به ڌيان نه رهي ته اُتي ڇا ڪجي؟

**دادا شري:** ڪجھ به نه. گهر وارا چون، ڌيان رکو، ڌيان رکو تڏهن ائين چوڻ گهرجي ته ها رکندس. تنهن وقت مون کي ڌيان رکڻو آهي سو نشچو ڪجي. تنهن هوندي به ڌيان نه رهي ۽ ڪتو اندر لنگهي آيو ته چوڻ گهرجي؛ " پيارا مون کي ڌيان ڪانه ٿو رهي." اُڪيل ته آڻڻو پوندو نه؟ اسان کي به ڪنهن ڌيان رکڻ جو ڪم سؤنپيو هجي ۽ اسان ڌيان رکندا هُجون تنهن هوندي به نه رهي ته چونداسين ته پيارا، " تو اسان کي ڪم سونپيو پر اسان کان ڪونه ٿيو."

هيئن آهي نه اسين عمر ۾ وڏا آهيون اِهو جيڪر خيال نه رهي ته جيڪر ڪم ٿي وڃي. ٻالڪ جهڙي اوسٿا هجي ته سڀ پاؤ

# پتنيءَ سان وهنوار

**سوال:** منهنجي پتنيءَ سان بلڪل بڻجي ئي ڪانہ ٿي.
ي ڪيتري بہ نردوش ڳالھہ ڪريان، منهنجي ڳالھہ سچي
ي تہ بہ هوءَ اُلٽو ئي ٿي ڪٽي. ٻاهريون جيون-سنگهرش هلندو
ي. هي ويئڪتي سنگهرش ڇا آهي؟ ڇا اِن لاءِ هوندو تہ جيئن
ڀڳتيءَ ۾ رهان؟ ڀڳوان جي کوج ۾ رهان؟

**دادا شري:** هيئن آهي، ماڻهون پنهنجي هٿ هيٺان رهڻ
ماڻهن کي ايترو تہ دٻائي ٿو جو باقي ڪجھ بہ ڪانہ ٿو رکي.
نجي هٿ هيٺان ڪوبہ ماڻهون آيو پوءِ هو اِستري روپ سان
ي يا پُرش روپ سان پنهنجي سٽا ۾ آيا تہ هُن کي دٻائڻ ۾ ٿورو
ي ۾ ڪسر ڪانہ ٿا رکن.

گهر جي ماڻهن سان ڪِٿ پٽ ڪڏهن بہ ٿيڻ نہ گهرجي. هڪ
روم ۾ سُمهڻو اُتي گهپي ءَ ڪِٿ پٽ ڪهڙي ڪم جي؟ ڪنهن
ستائي ڪري پاڻ سُکي ٿئي ائين ڪڏهن بہ ٿي ڪانہ ٿو سگهي
ان کي سُک ڏيئي سُک وٺڻو آهي. اسان گهر ۾ سُک ڏينداسين
ن ئي سُک ملندو. چانهہ برابر نهي نہ هُجي تہ وري ناهي
ي. نہ تہ چانهہ بہ بگاڙي ڏيندي. ڪمزور ڏٽي پنهنجي زال
ي شورويرتا ٿو ڏيکاري. جيڪو اسان جي رکشڻ هيٺ آهي تنهن
ڪشڻ ڪيئن ڪبو؟ ”جيڪو اسان جي هٿ هيٺان آهي تنهن
ہ رکشڻ (بچاءُ) ڪرڻ سوئي اسان جو وڏي ۾ وڏو ڏيئہ هئڻ
ي.“ هُن کان گُناهہ ٿيو هجي تہ بہ هُن جو رکشڻ ڪرڻ گهرجي.
پاڪستاني سپاهي هتي قيدي آهن تڏهن بہ هنن کي ڪيترو

# ٻاڙهي جهنڊي سُوَ دوش سَنشوڌڪ

ضرور ڪا تہ ڀُل هوندي جو سامهون وارو چئي ٿو نہ؟ تنهن ڪري پنهنجي ڀُل کي مڃيو. هِن جڳت ۾ ڪو جيوءَ ڪنهن کي تڪليف ڏيئي ڪانہ ٿو سگهي. اهڙو سوتنتر آهي ۽ تڪليف ڏيئي ٿو تہ گذريل سميہ ۾ اسان دخل اندازي ڪئي آهي تنهن ڪري. توهان ڀُل سڌاري تہ پوءِ حساب رهندو ئي ڪانہ.

ٻاڙهي جهنڊي ڪير ڏيکاري تہ سمهجڻ گهرجي تہ اسان جي ڀُل آهي. تڏهن ڪانئونس پُڇو تہ پيارا ! ٻاڙهي جهنڊي ڇو جهلي اَٿئي؟ تہ هو چوندو تہ توهان هيئن ڇو ڪيو هئو؟ تنهن وقت اسان ڪانئونس معافي گهرون ۽ چئونس هاڻي تہ سائي جهنڊي ڏيکاريندي نہ؟ تڏهن هو ها چوندو.

اسان کي ڪير بہ ٻاڙهي جهنڊي ڪانہ ٿو ڏيکاري. اسان تہ سيني جون سائيون جهنڊيون ڏسون تنهن ڪان پوءِ اڳيان وڌندا آهيون. گهر ڪان نڪرڻ تي، ڪو هڪ ٻاڙهي جهنڊي جهلي بيهي تہ ڪانئونس اسين پڇنداسين پيارا ! تو ڇو ٻاڙهي جهنڊي ڏيکاري آهي؟ تہ هو چوندو، دادا توهان تہ ڦلاڻي تاريخ وڃڻ وارا هئا سو جلدي ڇو ٿا وڃو؟ تڏهن اسان هُن کي خلاصو ڏينداسين تہ هن ضروري ڪم سبب لاچار وڃڻو ٿو پوي تہ هو هڪدم چوندو تہ پوءِ ڀلي توهان وڃون؛ ڪوبہ اعتراض ڪانهي.

هيءُ تہ تنهنجي ڀُل جي ڪارڻ ماڻهون ٻاڙهي جهنڊي ڏيکارين ٿا. پر جيڪڏهن تون اُن جو خلاصو ڪندين تہ توکي وڃڻ ڏيندا. پر هيءُ تہ جيڪڏهن ڪير بہ ٻاڙهي جهنڊي ڏيکاري تہ رڙيون واقعا ڪندي چوندو؛ ”جهنگلي، بي دماغ، ٻاڙهي جهنڊي ٿو ڏيکاري؟“ اِئين هُن کي ڌمڪائيندو. اڙي، هيءَ تہ تو نئين ٻالهہ پئدا ڪئي. ڪوبہ ٻاڙهي جهنڊي ڏيکاري ٿو تہ، ”ديئر از سمٿنگ“ ڪير بہ ائين ٻاڙهي جهنڊي جهلي ڪانہ بيهندو.

هٽڻ گهرجن؟ تيئن هي خوب ڪليش ڪرائڻ وارا اُهي سڀ
برابر آهن! هاڻي هن ۾ سامهون واري جو ڇا ڏسٽو آهي؟ اسان
پنهنجي ليکي سمجهي وڃڻ گهرجي تہ هيءَ پِٽ وانگر آهي؛
ور جهڙي آهي يا جڙ-پٿر جهڙي آهي! اِئين اندر سمجهي وڃي
ڪابہ مُشڪلات ڪانهي.

ياءُ: اسين مؤن ٿا رهون تہ سامهون وارو اونڌو مطلب ٿو ڪڍي
ن جو ئي ڏوهہ آهي ۽ وڌيڪ ڪليش ٿو ڪري.

**دادا شري:** اِهو تہ اسان اِئين مڃيون ٿا تہ مان مؤن رهيس
ن ڪري ائين ٿيو. رات جو ماڻهو اُٿيو ۽ باٿ روم ۾ ويندي پٽ
ٽڪرايو تہ اُتي مؤن رهيو تنهن ڪري پَٽ ٽڪرائي؟

مؤن رهو يا ڳالهايو. هن کي اسپرش ئي ڪانہ ٿو ڪري. ڪجهہ
و ئي ڪانهي. اسان جي مؤن رهڻ سان سامهون واري کي اثر ٿو
اِئين ڪجهہ بہ ڪانهي ۽ اسان جي ڳالهائڻ سان سامهون واري
اثر ٿو ٿئي ائين بہ ڪانهي.

اولني'' Only Scientific Circumstential Evidenc
نتيفڪ سَرڪمستينشيل ايويڊيسز`` صرف وگيان سان پڌل
جوڳن جا پوراوا آهن. تِرَ جيتري بہ ستا ڪانهي. اَهڙو آهي هي
ت. هو ڇا ڪرڻ وارو آهي. هِن پٽ کي جي ستا آهي تہ هُن کي
ستا ڇٽبي!

هِن پٽ کي اسان سان وڙهڻ جي ستا (اختياري) آهي؟
ئيءَ ريت سامهون واري سان آهي. هُن جي نمت سان جيڪو
ر ٿيڻ وارو آهي سو اُها ڇڏڻ واري ڪانهي. اجايو رڙين ڪرڻ جو

نہ رکشڻ ڏنو اٿن. تڏهن هيءَ تہ گهر جا ڀاتي آهن نہ! هيءَ تـ
ٻاهرين سان ڪڏهن مِيائون تي وڃي اُٿي جهڳڙو ڪانہ ٿو ڪري؛
هر ۾ ئي سڀ ٿو ڪري. پنهنجي هٿ هيٺان جيڪو اَٿس تنهن ڪي
دٻائيندو ٿو رهي ۽ جيڪو مٿان (باس) اٿس تنهن کي صاحب
صاحب ٿو ڪري. ڪائونس وڏو جيڪڏهن گُناهہ ڪري تہ بہ اُٿي هُن
کي سائين سائين ٿو ڪري.

هاڻي هيءُ پوليس وارو دٻ چاڙهيندس تہ سائين، سائين
ڪندو رهندس ۽ گهر ۾ وائيف جيڪڏهن سچي ڳالهہ چوندس تـ
سهي ڪانہ سگهندو پيو اکيون ڏيکاريندو ۽ دٻ ڪڍندس
منهنجي چانهہ ۾ ڪولي ڪٿان آئي؟ ائين رڙ-واڪو ڪري پيو
گهر وارن کي ڏڪائيندو. تنهن کان تہ شانتيءَ سان ڪولي ڪڍي
وٺ نہ! گهر وارن کي ڏڪائي ۽ پوليس وارن کان پيو ڏڪي! هن کي
گهور اَنياءُ چئبو. اسان کي هيءَ ڪانہ ٿو سوُنهين. اِستري تـ
پنهنجو ڀائيوار چئجي. ڀائيوار سان ڪليش؟! ڪليش ٿيندو هجي
تہ ڪو رستو ڪڍڻ گهرجي اِهو سمجهڻ گهرجي. گهر ۾ رهڻو هجي
تہ ڪليش ڇا جو؟

**سوال:** اسان کي ڪليش ڪرڻو نہ هُجي پر سامهون وارو اچي
جهڳڙو ڪري تہ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ تنهن ۾ هڪ سُجاڳ هجي تنهن
هوندي بہ سامهون وارو ڪليش ڪري پوءِ تہ اُٿي جهڳڙو ٿي ويند
نہ؟

**دادا شري:** هن ڀت سان لڙائي ڪري تہ ڪيترو وقت لَڙي
سگهندو؟ هڪ دفعو هن ڀت سان مٿو ٽڪريو تہ اسان کي ڇا ڪرڻ
گهرجي؟ مٿو ڀڳو مطلب ڀِت سان اسان جي لڙائي ٿي. تہ ڀت کي

# ڀوڳي تَنهنجي ڀُل

سيڻ: ڪي اَهڙا هوندا آهن جو اسين چاهي ڪيترو بہ اُنهن
سنو ورتاءُ ڪريون تہ بہ نہ سمجهندا آهن.

دادا شري: اُهي ڪانہ ٿا سمجهن تنهن ۾ اسان جي ئي
ي تہ اسان کي سمجهہ وارو ڇو ڪين مليو؟ اهڙي ماڻهوءَ
جوڳ اسان کي ئي ڇو حاصل ٿيو؟
جنهن جنهن سمي تي اسان کي ڪجهہ بہ ڀوڳڻو پوي ٿو تہ
وڳڻ اسان جي ئي ڀل جو نتيجو آهي.

سوال: تہ اسان کي ائين سمجهڻ گهرجي تہ منهنجا ڪرم
آهن؟

دادا شري: بلڪل. اسان جي ڀُل کان سواءِ اسان کي ڀوڳڻو
ونہ پوندو. هن جڳت ۾ اَهڙو ڪوبہ ڪانهي جو اسان کي ذرو
ڪنچت ماتر بہ دک پهچائي سگهي ۽ جيڪڏهن ڪو دک
آهي تہ اُها اسان جي ئي ڀُل آهي. ڪُن جو ڏوهہ ڪانهي.
ِ نِمت آهي تنهن ڪري، ”جيڪو ڀوڳي ٿو تنهن جي ڀُل
“

ڪنهن زال مڙس جو پاڻ ۾ جهڳڙو ٿيو ۽ پوءِ ٻئي جهڳڙو
سمهي پيا. هوءَ زال تہ کونگهرا هڻڻ لڳي ۽ سندس مڙس
دلائيندو رهيو.
ن مان سمجهڻ گهرجي تہ غلطي مڙس جي ئي آهي.
ڏهن زال جي غلطي هجي ها تہ مڙس آرام سان سمهي پيو
هان ۽ زال پيئي پاسا بدلائي ها! مطلب جيڪو ڀوڳي ان جي
يءَ زبردست وڏو وگيان آهي جيڪي ڇئي رهيو آهيان سان
سوڪيم سائنس آهي. جڳت سچو، نِمِت کي ئي چَڪ پائي ٿو.

ڇا مطلب آهي؟ هُن جي هٿ ۾ ئي ڪانهي. تنهن ڪري توهان
پِٽ وانگر تي وڃون نه! توهان زال کي ڏمڪائيندا -ڏڪائيندا رهندا
ته اُن جي اندر ڀڳوان ويٺل آهي ته هوءِ سانڍي رکندي ته مون کي
ڏمڪائي ٿو. توهان کي جيڪڏهن ڏمڪائي تڏهن توهان پٽ وانگر
ٿي وڃون. تڏهن توهان جي اندر ويٺل ڀڳوان توهانکي هيلپ
(مدد) ڪندو.

هنجي وچ ۾ متڀيد ڪانہ پوندو، ايتري ايڪتا ڪرڻ گهرجي.
ٽري ايڪتا ڪئي آهي توهان؟

**ياءُ:** اَهڙو ڪنهن ڏينهن مون ويچار ئي ڪانہ ڪيو آهي.
يءُ پهريون ڀيرو اَهڙو ويچار ٿو ڪريان.

**دادا شري:** ها اِها ويچار ڪرڻ جوڳي ڳالهہ آهي نہ؟ ڀڳوان
يترا ويچار ڪري - ڪري موڪش ۾ ويو؟ متڀيد توهان کي وڻي
و؟

**ياءُ:** نہ.

**دادا شري:** متڀيد ٿو پوي تڏهن جهڳڙا ٿا ٿين، چنتا ٿي
ئي. جڏهن متڀيد ۾ ائين ٿو ٿئي تہ 'من ڀيد' ۾ ڇا ٿيندو
وندو؟ جڏهن من ڀيد ٿئي ٿو تڏهن ڊائورس (طلاق) وٺي ٿو ۽
ڏهن 'تن ڀيد' ٿئي ٿو تڏهن اَرٿي نڪري ٿي!

ڪليش توهان کي ڪرڻو هجي تہ ٻاهر وڃي ڪري اچجو.
هر ۾ گهڻي ٿئي تنهن ڪان ٻاهر وڃي اُن ڏينهن باغ ۾ خوب
ڙهي گهر اچجو. پر گهر ۾ 'پنهنجي روم ۾ نہ وڙهجو' اهڙو قاعدو
ڪري ڇڏجو. ڪنهن ڏينهن پاڻ ۾ وڙهڻ جو شوق ٿئي تہ بيبيءَ
ي چئجي؛ اڄ هل تہ باغ ۾ ناستو - پاڻي ڪري خوب پاڻ ۾
ڙهنداسين. پوءِ ماڻهون اچي اسان کي ڇڏائين اَهڙو زوردار
ڙهنداسين. پر گهر ۾ لڙائي جهڳڙو نہ ڪجي. جتي ڪليش ٿئي
و اُتي ڀڳوان ڪانہ ٿو رهي. ڀڳوان اُتان هليو ٿو وڃي. ڀڳوان ڇا
ڃيو؟ ڀڳت وٽ ڪليش نہ هوندو آهي.

گيانيءَ چيو تہ پروڪش ڀڳتي ڪرڻ وارن کي ڀڳت چئجي
و ۽ پرتيڪش ڀڳتي ڪرڻ وارن کي ڀڳوان. اُتي تہ (گيانيءَ وٽ)
ڪليش هوندو ئي ڪيئن؟ اُتي هر پل سماڌي هوندي آهي.

# زال مڙس جي اَپيد جوڙي

تمام وڏو وشال جڳت آهي پر هيءُ جڳت پنهنجي روم ج
اندر ئي آهي ايترو ئي مڃي وينو آهي. اُن کي ئي جڳت مڃ
هجئي ها تہ بہ ڏاڍو سُٺو. پر اُتي بہ پنهنجي زال تي لنبازي
ڪري. اَڙي مورک هي ڪانهي پاڪستان!

زال - مڙس ٻئي جڏهن پاڙيسريءَ سان لڙن ٿا تڏهن ٻ
هڪ مت، هڪ ذات آهن. پاڙيسريءَ کي چوندا توهان هئڙا؛ توه
تهڙا. اُن سمي تي اسان کي ائين لڳندو تہ هيءَ ميان-بيبي
جي ٽولي؛ اَپيد ٽولي آهي. نمسڪار ڪرڻ جهڙي پيئي لڳ
پوءِ جڏهن سندن گهر وڃون ۽ پيٺ کان چانهہ ۾ کنڊ زري گه
پئجي ويئي هجي تہ هو دَٻ ڪيندس ۽ چوندس تہ روز ٿو چوا
چانهہ ۾ کنڊ وڌيڪ وجهہ پر تنهن جو دماغ جاءِ تي ڪانه
هاڻي هيءُ وڏي دماغ وارو چڪر ۾ ! تنهن جي دماغ جو نڪا
ڪانهي! ڪهڙي ذات جو مورک آهين؟ جنهن سان روز سؤديباز
هلندي هجي اُتي ڇا گهپي ۽ ڪِٽ پِٽ ڪرڻ گهرجي؟

**دادا شري:** توهان کي ڪنهن سان متڀيد پوندو آهي؟

**ڀاءُ:** ها پوندو آهي؛ گهٽيئي دفعا.

**دادا شري:** وائيف سان متڀيد پوندو اَٿوءِ؟

**ڀاءُ:** ها! گهٽيئي دفعا.

**دادا شري:** وائيف سان بہ متڀيد ٿيندو آهي ڇ
جيڪڏهن اُتي ايڪتا نہ رکبي تہ ڪٿي رکبي؟ ايڪتا معنيٰ
تہ ڪڏهن بہ متڀيد نہ پوي.

هِن هڪ سان (وائيف سان) پڪ ڪرڻ گهرجي تہ تنهنجي

يو تہ ننڊ ۾ هيرا ڏسڻ ۾ ايندا اَٿو يا نہ؟ هيءُ تہ مڃيل سک
ي رانگ مڃتائون (غلط مڃتائون) آهن.تنهن ڪري هنن مان
ر جي شانتي ڪانہ ملندي. ڀارت جي ناري ڪنهن کي چئجي؟
ر ۾ ٻن هزارن جي ساڙهي آندل هجي تہ سا پائيندي. هيءُ تہ
ي ۽ ڏٺياٽي بزار ۾ گهمڻ ويا هجن ۽ دڪان تي زال هزار جي
ڙهي ڏٺي تہ ساڙهي ڇڪيندس ۽ گهر پهتي تہ منهن چڙهيل
ندس گهڀي ۽ کٽ پٽ ڪرڻ ويهندي. هن کي ڀارت جي ناري
يئن چئبو؟

هندو تہ جَڙَ ڪان ئي سياءُ جا ڪليشي هوندا آهن. تنهن
ري چوندا آهن نہ هندو زندگيءَ ڀر ڪليش ۾ رهندا آهن. پر
لمان پڪا ٿيندا آهن. ٻاهر جهڳڙو ڪري ايندا پر گهر ۾ بيبيءَ
ن نہ وڙهندا. هاڻي ڪجھ مسلمان بہ هندن سان گڏ رهي بگڙي
ا آهن. باقي هندن جي ڀيٽ ۾ هن بابت مسلمان مون کي
يڪ ڏاها ڏسڻ ۾ آيا. ڪيترا مسلمان تہ پنهنجي بيبيءَ کي
ولي ۾ جهولائيندي بہ ڏٺم. اسان جو ٺيڪداريءَ جو ڌنڌو هئو
مسلمانن جي گهر بہ وڃڻ ٿيندو هئو. اسين اُنهن وٽ چانهہ
پيئندا هئاسين. اسان کي ڪنهن سان بہ جدائي ڪانهي.

هڪ ڏينهن مسلمان جي گهر ويو هئس تہ ميان، بيبيءَ کي
نگهي ۾ پئي لوڏيو تہ مون پڇيومانس تون جو بيبيءَ کي هيئن
هَلائين تہ مٿي تہ ڪانہ چڙهي وِهندءِ؟ تڏهن هن چيو تہ
ءَ ڪيئن مٿي تي چڙهندي؟ هن وٽ هٿيار ڪانهي، ڪجھ
انهي. مون چيومانس اسان جي هندن کي تہ ڌپ لڳندو آهي
زال چڙهي ويهندي تہ ڇا ٿيندو؟ تنهن ڪري اسين زال کي
نگهي ۾ ڪانہ لوڏيندا آهيون.

**ميان ڀائي:** هيءَ پينگهي ۾ لوڏائڻ جو ڪارڻ توهان ڄاڻو

مطلب تہ ڪنهن ڏينهن وڙهڻ جي اِڇا ٿئي تہ پتيراج کي چئجي تہ هلو باغ ۾. ٻارَ ڪنهن کي سوئنپي ڇڏجو. پوءِ پتي راج کي ڀرين کان ڇئي ڇڏجو تہ مان توهان کي پبلڪ ۾ بہ چماٽون هڻان تہ توهان ڪِلجو. ماڻهون ڀلي ڏسن اسان جي مستي! ماڻهو آبرو ٿا ڏسن. اُهي ڄاڻندا تہ ڪڏهن اسان جي عزت ڪانہ ويئي آهي سا اڄ ويئي. آبرو تہ ڪنهن جي هوندي آهي؟ هيءُ تہ ڍڪي ڍڪي ويچاراآبرو ٿا رکن ! آبرو تہ تنهن کي چئجي جو اُگهاڙو گهمندو هجي تہ بہ روپوان پيو لڳي. هيءُ تہ ڪپڙا پائي ڪري بہ روپوان ڪانہ ٿا ڏسجن. جئڪيٽ، ڪوٽ ۽ ٽاءِ پائڻ کان پوءِ بہ ڍڳن وانگر پيا لڳن! الائجي ڇا مڃي ويٺا آهن پنهنجي من ۾! ٻئي ڪنهن کان پڇن بہ ڪانہ ٿا. زال کان بہ ڪانہ ٿو پُڇي تہ هيءَ نيڪٽاءِ پائڻ کان پوءِ مان ڪيئن ٿو لڳان؟ آرسيءَ ۾ ڏسي پاڻ ئي پنهنجو نياءُ ٿو ڪري ڏاڍو سُٺو ٿو لڳان؛ ڏاڍو سنو آهي. زال بہ بِندي لڳائي آئيني ۾ پاڻ سان ئي ناز - نخرا پيئي ڪري! هيءَ ڪهڙي نموني جي ريت آهي؟ هيءَ ڪهڙي نموني جي زندگي آهي؟ ڀڳوان جهڙو ڀڳوان ٿي ڪهڙيءَ ڌانڌل ۾ پيو آهي؟ پاڻ ڀڳوان سوُروپ آهي. ڪَنَ ۾ هيرا پاتا اٿس سي ڪيس ڏسڻ ۾ اچن ٿا؟ هيءُ تہ ماڻهون هيرا ڏسن تنهن لاءِ ٿي پائي.

هن جنجال ۾ ڦاٿي آهي پوءِ بہ هيرا ڏيکارڻ پيئي گهمي ۽ ڦِري! اڙي جنجال ۾ ڦاٿل کي بہ شونق هوندو آهي ڇا؟ ترت اُڪيل آڻيو نہ؟

ڌڻي چوي ۽ ڌڻيءَ جو ٺاٺ باٺ ڏيکارڻ لاءِ پائي سو برابر آهي. سيٺ ٻن هزارن جا هيرا وٺي آيو هجي ۽ پنجتيهن هزارن جو بل ڏيکاري تہ سيٺياڻي خوش. هاڻي هيرا پاڻ کي تہ ڏسڻ ۾ اچن ڪانہ ٿا. مون سيٺياڻيءَ کان پڇيو تہ رات جو سمهي پوندا

سوناري جي الڳ، براهمڻ جي الڳ هرڪنهن جي پڳڙي
چلهه - چلهه تي ڏرم الڳ. سيني جا ويو-پائنٽس جدا ئي
ميل ئي نه کائيندا پر جهيڳڙو نه ڪن ته سُٺو.

سان ۾ ڪَلوُشت پاءُ (ڪروڌ مان مايا لوڀ) ڪجهه رهيل ئي
جن ته سامهون واري کي به ڪلوشت پاوَ ڪونه ٿيندا. اسان
نداسين ته هو به ٿڌا ئي رهندا. پِت وانگر ٿي وڃجي جيئن
ر نه اچي. اسان کي پنجاهه سال ٿيا آهن پر ڪنهن ڏينهن
پيد ئي ڪانه پيو آهي. هيرا ٻا جي هٿان گيهه هارجندو
، ته به مان ڏسندو رهندس. اسان کي اُن سميه تي گيان
رهندو آهي ته گيهه هاريندي ئي ڪونه. مان چوانس گيهه
به نه هاريندي. ڏسي - وائسي ڪير گيهه هاريندو آهي
. تنهن هوندي به گيهه هارجي پيو. اِهو ڏسڻ جهڙو آهي
ڪري اسان کي ڏسڻ گهرجي!

سان کي مت پيد ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي گيان آن - د - مومينٽ
ٿي ويندو آهي.

ميري حالت مَئن ئي جانتا هون'؛ چيائين ته بيبي خوش
يندس ۽ اسان جا ماڻهون حالت-بالت ڪجهه چوندا ڪانه.
ڳت، تنهنجي حالت چوءِ ته صحين،’سني ڪانهي؛ تنهن
راضي رهجانءِ.'

سيني جي حاضريءَ ۾، سوريه نارائڻ جي ساکيءَ ۾، براهمڻ
اکيءَ ۾ شادي ڪيائين تڏهن ٻانهڻ -ور ور ڪري پئي سڄاڳ
ن ته؛ ’سميه وَرتي ساوڌان'، ته توکي ساوڌان رهڻ به ڪانه تو
سميه موجب سڄاڳ رهڻ گهرجي. براهمڻ چوي ٿو سميه
جاڳ رهجانءِ ته اِهو صرف براهمڻ ئي ٿو سمجهي. شادي
ڪونه ٿو سمجهي. ساوڌان رهڻ جو اَرٿ ڇا ته بيبي جڏهن

ٿا؟ مونکي تہ کل ۾ روم آهن، بنگلو تہ آهي کانہ. کل ۾ صفحا تنهن ۾ بيبيءَ سان کِٽ پِٽ ٿئي تہ مان ڪٿي سُمهان؟ منهنجي تہ سڄي رات ننڊ ڦِٽي. تنهن ڪري ٻاهر سيني سان پلي وڙهان پر بيبيءَ سان معملا سڀ ڪليئر رکندو آهيان.

بيبي - ميان کي چوندي توهان صبح جو چيو تہ اڄ پکوڙا وٺي ايندا تہ ڇو کانہ وٺي آيا؟ ميان ڀائي روکڙو جواب ڏنس تہ سڀاڻي وٺي ايندس. ٻئي ڏينهن چيائينس اڄ تہ ڪٿان بہ وٺي ايندس. شام جو خالي هٿين موٽيو تہ بيبي غصي ٿيس پر ميان ڀائي پکو چيائينس، 'يار منهنجي حالت جي مون کي خبر آهي.' اِئين چئي بيبيءَ کي خوش ڪري ڇڏيندو؛ جهڳڙو کانہ ڪندو ۽ اسان جا ماڻهون ڇا ڪندا؟ تون مونکي دٻائين ٿي وڃ کانہ وٺي ايندس. هيئن نہ چوڻ کپي. هن ۾ تنهنجو وزن گهٽجي ٿو. اِئين ٿو چئين تنهن ڪري تون ئي ڏٻيل آهين. هوءَ ڀلا توکي ڪيئن دٻائيندي؟ تنهن وقت تون شانت رَهُہ. پر ڪمزور ماڻهو وڏيڪچيڙاڪ (سنڪي) ٿيندا آهن تنهن ڪري هو جڏهن چڙن تڏهن اسان کي پنهنجي ڳالھ بند ڪري اُنهن جي ٽيپ رڪارڊ ٻُڌڻ گهرجي. 'جنهن گهر ۾ جهڳڙو نہ ٿيندو هجي سو گهر اُتم.' ڪٿي جهڳڙو ٿي بہ پيو تہ موڙو ڪائي مُڙي وڃي تہ بہ اُتم چئبو.

ميان ڀائيءَ کي ڪنهن ڏينهن ڪاڏي ۾ ٽيسٽ نہ اچي تہ غصي ٿي چوندو توُ ائسي هيءَ، توُ تئسي هيءَ ۽ سامهون هوءَ چڙيس تہ پاڻ چُپ ٿي ويندو ۽ سمجهي ويندو تہ هاڻي ٻاهر مان پميت ٿي پوندو تنهن ڪري هاڻي اسان - اسان ۾ ۽ هوءَ هُن ۾! هتي هندو تہ ٻاهر مان پميت ڀاري رهندا.

واڻيئي جي ڀڳڙي الڳ، دکشڻيءَ جي الڳ، گجراتيءَ جي

# مت ڀيد

# گهر ۾ مت ڀيد

**دادا شري:** ڪاڏو ڪائڻ مهل ٽيبل تي مت ڀيد ٿيندا اٿوءِ؟

**ڀاءُ:** سي تہ ٿيندا نہ!

**دادا شري:** ڇو شاديءَ وقت اهڙو قرار ڪيو هيوَ؟

**ڀاءُ:** نہ.

**دادا شري:** تنهن وقت تہ سمجهوتو ڪيو هُيوَ تہ ''سَميہ
ي ساوڌان'' گهر ۾ وائيف سان 'تنهنجو ۽ منهنجو' اَهڙي
ي نہ هئڻ گهرجي. واڻي جدائي ڪرائي اَهڙي نہ پر ميلاپ
ائي اَهڙي هجڻ گهرجي. سڀ گڏيل ڪُٽنب مان آهيون نہ؟

اسان کي هيرا ٻا سان ڪڏهن بہ متڀيد ڪانہ پيو آهي.
هن بہ واڻيءَ ۾ 'منهنجو - تنهنجو' ڪانہ ٿيو آهي. پر هڪ
و اسان کي مت ڀيد پوڻ وارو هئو. هن جي ڀاءُ جي ڀهرين
ءَ جي شادي هئي تہ مون کان پُڇائين تہ هُن کي ڇا ڏيڻو
؟ تہ مون چيومانس، 'توکي جيئن ٺيڪ لڳي پر گهر ۾ چانديءَ
تيار باسڻ پيا آهن سي ڏجائنس نوان نہ ٺهرائجانءِ.' تہ
ئين توهان جي ناناڻن ۾ جڏهن مامي جي ڌيءَ جي شادي
ب تڏهن تہ وڏا وڏا ٿات ٺهرائي ڏنا هُئوَ! هي 'منهنجي ۽
نجي' لفظ چيائين تہ مان سمجهي ويس تہ اڄ اسان جي

غصي تي هجي تڏهن تون ٿڌو ٿي وڃجانءِ. سُڄاڳ رهجانءِ. هاڻي ٻئي وڙهندا ته پاڙي وارا ڏسڻ ايندا يا نه ايندا؟ پوءِ تماشو ٿيندو يا نه ٿيندو؟ ها! وري واپس نه ملڻو هجيؤ ته ڀلي وڙهو. خوب وڙهو ۽ وراهي ئي ڇڏيو. تڏهن چوندا نه پوءِ ڪيڏانهن ويندا سين؟ جيڪڏهن واپس گڏ رهڻو آهي ته پوءِ ڇو ٿا وڙهو؟ اسان کي ائين سڄاڳ نه رهڻ گهرجي؟ سمجهو ته زال ذات اَهڙي آهي جو نه مُڙندي ته اسان کي ئي مُڙڻ کپي. هيءَ (زال) سهج ذات آهي. هيءَ مُڙي اهڙي ڪانهي. زال گرم ٿئي ۽ چئي؛ مان توهان جي ٿالهي ڪانه کڻي ايندس. توهان اچي کڻي وڃو. هاڻي توهان جي طبعيت سُني ٿي ويئي آهي برابر هلو چلو پيا. اِئين ماڻهن سان ڳالهيون ٻوليون ڪريو ٿا، ٻيڙيون ڇڪيو ٿا ۽ مٿان جڏهن ٽائيم ٿئي ٿو ته ويٺي ٿالهيون ٿا گهرو؟ ’مان ڪانه ايندس‘ تڏهن اسان کي آهستي چوڻ گهرجي؛ ’تون ڪاڏو ٿالهيءَ ۾ پاءِ ته مان اچان ٿو.‘

هوءَ چوي مان ڪانه ايندس تنهن کان اڳ ئي اسان کي چوڻ گهرجي ته ’مان اچان ٿو، منهن جي پُل ٿي ويئي‘ اِئين چوندا سين ته رات سُني ويندي نه ته رات خراب گذرندي. پوءِ پيا رات ٻئي پُڻ پُڻ ڪندا ۽ ننڊ به ڪانه ايندن. صبح جو وري جڏهن چانهن پاڻي کڻي ايندي ته نڪاءُ ڪري چانهه جو پيالو رکندي ۽ ’هون‘ ڪري پڻ پڻ ڪندي يا نه ڪندي؟ مڙد به ترت سمجهي ويندو ته اجان رات واري تات باڪي اٿس. هيءَ کِٽ پِٽ ۽ گهپيءَ واري زندگي آهي. سڄيءَ دنيا ۾ هي هندو آهن جي ڪليش واري زندگي گُذارين ٿا.

پر ڏڱريءَ تي ويھبو ۽ تنھنجو - منھنجو ڪبو تہ موڪش
ٿيندو. نش - پڪش جو موڪش ٿيندو.

مڪتيءَ (سچي، سمجھہ واري جي) جي نشاني ڇا آھي؟
سڀ اُلٽو ڪن تہ بہ ھي سُلٽو ڪري . ھرڪنھن ڳالھہ ۾
ڪري سا آھي سمڪيتيءَ جي نشاني.

يترو ئي سچاڻٽو آھي تہ ھيءَ مَشينري ڪيئن آھي. اُن
يوز اڏامي وڃي تہ ڪھڙيءَ ريت فيوز وجھبو. سامھون واري
رڪرتيءَ سان ائڊجسٽ ٿيڻ اچڻ گھرجي. اسان ڪي تہ
ون واري جو فيوز اڏامي وڃي تہ بہ اسان جي ائڊجسٽمينٽ
ي آھي. پر سامھون واري جي ائڊجسٽمينٽ ٽُٽي تہ ڇا
؟ فيوز ويو تہ ڀِت سان ٽڪرائيندو، دروازي سان ٽڪرائيندو.
ر تار ٽٽي ڪانہ اٿس تہ ڪير فيوز وجھي ڏئيس تہ مشين
نيڪ ھلندس؛ تيسين پيو مُنجھندو. سنسار آھي تہ گھاؤ
ندا ئي نہ؟ زال بہ چوندي تہ ھاڻي ھي گھاؤ ڀرجڻ وارا
ن. پر سنسار جي مايا جار ۾ پيئي تہ واپس گھاوءَ ڀرجي
، مورڇتپڻو آھي نہ؟ موھہ جي ڪري گھاؤ ڀرجي ٿا وڃن.
ڏھن گھاؤ نہ ڀرجن تہ وئراڳ ئي اچي وڃي نہ؟

وھہ ڪنھن ڪي چئجي؟ انوڀوءَ گھٽيئي سڀ ٿيا ھجن تہ
جي ٿو وڃي. ڊائورس (طلاق) وٺڻ مھل پڪو نِشچو ڪندو تہ
ادي ڪانہ ڪندس تہ بہ اَنڪي پوندوَ!

آبرو ويئي. اسين ٻئي هڪ آهيون اُتي منهنجو - تنهنجو هئڻ گهرجي؟ مان ترت ئي سمجهي ويس ۽ ڳالهه کي ڦيرائي ويس. مون کي جيڪي چوڻو هئو: مان سڄو ئي ڦِري ويس. مون کيس چيو، ''مان ائين ڪانه ٿو چوڻ چاهيان. تون هي چانديءَ جا باسڻ تہ ڏجانءِ ۽ مٿان پنج سؤ هڪ رپيا ٻيا بہ ڏجائن: ڪين ڪم ايندا.''

''هُنُ... ايترا رپيا ڏبا آهن ڇا؟ توهان تہ جڏهن - تڏهن پولا ئي ٿا رهو. جنهن کي تنهن کي پئسا ڏيندا ٿا رهو.''

''مون چيو، برابر آهي: مون کي تہ ڪجهہ اچي ئي ڪانہ ٿو.'' ڏسو! مون کي بہ هيئن مت ڀيد پوڻ وارو هئو پر ڪيئن سنڀالي ورتم، ڳالهہ سڄي ڦيرائي ڪري! مطلب تہ مت ڀيد پوڻ ڪانہ ڏنم. گذريل ٽيهن - پنجٽيهن سالن ۾ اسان جي وچ ۾ نالي تور بہ مت - ڀيد ڪانہ پيو آهي. ۽ هيرا ٻا بہ ديويءَ سمان آهي.

مت ڀيد اسان ڪٿي بہ پوڻ ڪانہ ڏيندا آهيون. مت ڀيد پوڻ کان پهرين اسين سمجهي ويندا آهيون تہ هن پاسي ڦيرو کائڻو آهي. توهان کي تہ کابي يا ساڄي پاسي ئي ڦيرو کائڻ ايندو آهي. آخر گاڏي پٽي تي چاڙهي ڇڏيندا آهيون. مت ڀيد پوڻ کان ڏيندا آهيون. اسان جي ستسنگ ۾ ويهہ هزار ماڻهون ۽ چار هزار مهاتما آهن پر اسان کي ڪنهن سان هڪ بہ مت ڀيد ڪانهي. جدائي ڪڏهن بہ مچي ڪانہ اٿم ڪنهن سان! جتي مت ڀيد آهي اُتي اَدش گيان آهي ۽ جتي مت ڀيد ئي ڪانهي اُتي وگيان آهي. جتي وگيان آهي اُتي سروانش گيان آهي.

سينٽر (مرڪز) ۾ وِهي تہ مت ڀيد ڪان رهندو. تڏهن موکش

گهرن ۾ جهيڳڙا نہ هجن ها! هجن بہ هان تہ بہ مهني ۾
دفعو ٿئي هان. اُماس مهني ۾ هڪ دفعو ئي ٿيندي آهي

اءُ: ها.

**ادا شري:** هيءُ تہ نيهہ ئي ڏينهن اُماس. جهيڳڙي مان
ندو هوندو؟

اءُ: زبردست لاس.

**ادا شري:** ڪوٽ جو واپار تہ ڪو ڪندو ئي ڪونہ نہ؟ اَهڙو
ڪونہ هوندو جو ڪوٽ جو واپار ڪري. ڪجھ تہ نفعو
بندا هوندا نہ؟

اءُ: جهيڳڙي مان آنند ايندو هوندن؟

**ادا شري:** هي ڪلجڳ جو سمو آهي تنهن ڪري شانتي
ٿي رهي، سو جيڪو اندر ۾ سڙي پيو سو ٻين کي بہ پيو
تڏهن ڪيس شانتي ٿي ملي. ڪو ٻيو آنند ۾ رهي سو ڪيس
ٿو وٺي. ڪنهن جي گهر ۾ باهہ ٻاريندو تڏهن ئي شانتي
ں. اَهڙو سنسار جو سُڀاءُ آهي. باقي جانور بہ وويڪ وارا هوندا
ڪتا بہ پنهنجي گهٽيءَ وارو هجي تہ اُنهن سان اندر-اندر
ان ڪانہ وڙهندا. ڌارئي گهٽيءَ مان اچن تہ سڀئي گڏجي
سان وڙهندا. تڏهن هيءُ ماڻهو جانورن کان بہ بدتر پنهنجو
ٿي پيا وڙهن. هي ماڻهو وويڪ شُونيہ ٿي ويا آهن.

# گهر ۾ جهڳڙا

**دادا شري:** گهر ۾ جهڳڙو ٿيندو اٿوءِ؟

**ڀاءُ:** ها...

**دادا شري:** مائيلڊ ٿيندا اٿوءِ يا برابر جيئن جو تيئن
ٿيندا اٿوءِ؟

**ڀاءُ:** زوردار بہ ٿيندا آهن پر پوءِ ٻئي ڏينهن ڀُلجي ويند
آهيون.

**دادا شري:** ڀُلجي نہ ويندا تہ ڇا كندا؟ ڀُلجي ويند
تڏهن تہ وري جهڳڙو ٿيندو نہ؟ ڀُلجي نہ ويا هجو تہ وري جهڳڙو
كير كندو؟

وڏن وڏن بنگلن ۾ ٿا رهن، پنج ڇٽا رهن تہ بہ جهڳڙو ٿ
كن! قدرت كاڌو-پيتو ڏئي ٿي تہ بہ ماڻهون جهڳڙو ٿا كن! هي
ماڻهو جهڳڙو، كليش، كِٽ پِٽ، گهڇي كرڻ ۾ شوروير آهن.

جتي ويڙهہ-جهيڙهہ آهي اُها انڊر-ڊيولپڊ (گهٽ وكاس
واري) پرجا آهي. پوتا ميل كيڏڻ كونہ ٿو اچين تنهن كري
لڙائي جهڳڙا ٿين ٿا.

جيترا ماڻهو آهن اوترا الڳ الڳ ڌرم آهن پر پنهنجو گه
مندر ناهين كيئن؟ باقي ڌرم تہ سيني جا الڳ آهن. اُپاشِريہ ۾
(جين) سامائڪ كن تہ سيني جو نمونو الڳ الڳ هوندو آهي
كيترا تہ پنيان ويهي اڳيان وينلن تي كنكر اُڇلائيندا رهند
آهن ۽ اُن ۾ ئي كلاڪ جو سامائڪ پورو كندا آهن! هاڻي ڌر
رهيو كانهي ۽ مرم بہ رهيو كانهي. جيكڏهن ڌرم بہ هجي هان

و ناسمجھيءَ سان ڀڏل آهن. سمجهہ وارو هجي تہ جيڪر اسان
جھي وچون تہ هيءُ سمجهہ وارو آهي تہ بہ جيڪر اُڪيل
ي وڃي. هاڻي بي-سمجهہ هجي تہ اُتي ڪيئن رستو نڪري؟
هن ڪري ڳالهہ کي اُتي ئي ڇڏي ڏجي ۽ ويرسڀ ڇڏي ڇڏجن.
ي لاءِ ڪنهن پيري اسان وٽان ' سؤروپ گيان ' حاصل ڪري ونجو
سيني ويرن کان ڇُٽي ويندا. اسان توهان کي رستو
ڪاريندا سين.

سنسار ۾ ماڻهو تنگ اچي مؤت کي ڇو ڳولهيندا آهن؟ هي
اديون کانہ ٿيون وڻن تنهن ڪري. ڳالهہ سمجهڻي تہ پوندي
؟ ڪيستائين مُشڪلاتن ۾ ڦاٿا پيا هوندا؟ هيءَ تہ جيوڙن جهڙو
بون ٿي ويو آهي. پيا خالي تڙڦن، تڙڦن ۽ تڙڦن. منش جوجنم
ي پوءِ تڙڦڻ ڇا لاءِ؟ جنهن کي برهمانڊ جو مالڪ چئجي تنهن
ي هيءَ دَشا!! سڄو جڳت پيو تڙڦي. جي تڙڦي کانہ ٿو تہ
رچا ۾ آهي. هنن ٻن کان ٻاهر جڳت کانهي ۽ جڏهن تون
ڳيان ڏن آتما'' جو ساڪياتڪار ڪندين تڏهن سڀ تنهنجا ڏپ
ءِ نڪري ويندا. اِها ئي وديا آهي.

# جهڳڙو پروف

**سوال:** اسان کي جهڳڙو نہ ڪرڻو هجي، اسين ڪڏهن جهڳڙو نہ ڪندا هجون تہ بہ گهر ۾ سڀيئي سامهون کان روز جهڳ ڪن تہ اُتي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**دادا شري:** اسان کي جهڳڙي پروف ٿيڻ گهرجي.جهڳڙي پروف ٿينداسين تڏهن هن سنسار ۾ رهي سگهنداسين. اسا توهان کي جهڳڙي - پروف ٿيڻ جي چابي ڏينداسين. جهڳ ڪندڙ ئي تنگ اچي وڃي اَهڙو اسان جو سؤروپ هئڻ گهرجي هن دنيا ۾ ڪوبہ اسان کي ڊيپريس **(Depress)** نہ ڪر سگهي اَهڙو ٿي وڃڻ گهرجي. اسين جهڳڙي - پروف ٿي وياسي پوءِ ڪا پنهنجي - ڊاهہ ئي نہ رهندي نہ؟

اڳ جيڪي جهڳڙا ڪيل آهن تنهن مان وير ٿو ٻڌجي اُهي اڄ جهڳڙي جي روپ ۾ ڇُڪتي ٿا ٿين. جهڳڙو ٿيڻ مهل جا ٻِج پئجي ٿا وڃن. اُهي ايندڙ جنم ۾ سلا ٿي ڦُٽندا.

**سوال:** تہ هنن ٻِجن مان ڪيئن ڇوٽڪارو ملي؟

**دادا شري:** آهستي آهستي 'سم ڀاوَ' سان رستو ڪڍندا ڇوٽڪارو ملندو. تمام گهڻا پاري ٻِج پيل هوندا تہ دير لڳندي شانتي رکڻي پوندي. اسان جو ڪير ڪجهہ ڪٽي ڪانہ ٿو وڃي. ڪا بہ مهل ملي، ڪپڙا ملن؛ باقي ٻيو ڇا کپي؟ پل اسان کي ڪوني ۾ بند ڪري تالو هڻي وڃن پر اسان کي ٻن وقتن جي ماني مل ٿي يا نہ؟ ايترو ئي ڏسڻ گهرجي. اسان کي بند ڪري وڃن تہ ڪجهہ ناهي. چُپ ڪري سُمهي پوڻ گهرجي. اَڳئين جنم جا اهـ وير ٻڌل آهن جو اسان کي تالي ۾ بند ڪري ٿا وڃن. هڪ تہ ويـ

جو ڇا؟ اِهو ويچار تہ ڪرڻو پوندو نہ؟ هي ماڻهو سيڪيل
ين ٿا تنهن ڪري سڄي محنت نڪمي وڃي ٿي. جهڳڙا
ٿيندا هجن تڏهن اِهو لڪش هجڻ گهرجي تہ هي ڪرم ٿا
ڇائين. پوءِ هِن 'ناڇ' جو 'گيان' سان رستو ڪڍڻ گهرجي.

**سوال:** داداجي، هيءُ تہ جهڳڙو ڪندڙ ٻنهي کي سمجهڻ
ي نہ؟

**دادا شري:** نہ، سڀ پنهنجي پنهنجي سنڀاليو. اسين
داسين تہ سامهون وارو سُڌرندو. ايترو ويچار تہ هجڻ
ي تہ گهڙيءَ کان پوءِ گڏ وِهڻو آهي تہ پوءِ گهپي ڇا لاءِ؟
ڪئي آهي تہ گهپي ڇا لاءِ؟ توهان ڪلهہ واري ڳالهہ ڀُلجي
وندا پر اسان کي هرڪا وستو 'گيان' ۾ حاضر هوندي آهي.
ٽيڪ هيءَ سد ويچارڻا آهي 'گيان' ڪانہ آهي. اُن جو بہ
ايندو. هيءُ تہ اگيان سان ٿو اِئين مڃي تہ هيءَ مٿي تي
ويهندي. ڪير اسان کان پُڇي تہ اسين چونداسين تہ تون
ون ۽ هيءَ بہ لاٿون تہ ڪهڙيءَ ريت هيءَ چڙهي ويهندي؟
ا ڦُن جي هٿ ۾ آهي. اُهو تہ 'ويوستت' جي هٿ ۾ آهي ۽
ڙهي ڪري ڪيئن مٿي ويهڻ واري آهي؟ توهان ٿوڙو
ندا تہ هن ويچاريءَ جي من کي سماڌان ملندو تہ ڏٺي
جي قابوءَ ۾ آهي تہ ڦُن کي بہ سنتوش ٿيندو.

هر ۾ گهٽي ڀاڱي جهيڙو هن سمي ۾ شنڪا جي ڪري ڪڙو
و وڃي. اِهو ڪيئن آهي تہ جيئن شنڪا جون چٽگون اُڏامن
اُن مان باهہ جو ڀميت ٿيو پوي تنهن کان پوءِ نِشنڪ ٿئي
اُهي ڀميت پنهنجو پاڻ وساميو وڃن. زال ۽ مڙس ٻئي
وارا هجن تہ پوءِ باهہ جا ڀميت ڪيئن وسامندا؟ هڪ کي

# جهڳڙي جو نيڪال

**سوال:** ڏهل وڄندو هجي تہ چيڙاڪ کي ڇڙ ڇو ٿي لڳي؟

**دادا شري:** ڇاڪاڻ تہ ائين مڃيو اٿس تہ مونکي ڪان ٿو وٺي تنهن ڪري. صرف هي ڏهل وڄائيندو هجي تہ اسان کي چوڻ گهرجي تہ ڀائي واهہ ڏاڍو سُٺو ٿو ڏُهل وڄي! تہ پوءِ اندر ڪجهہ بہ ڪانہ ٿيندو. هي خراب آهي اهڙو اَيپرايہ (مت) ڏنوءِ تہ اندر سڄي مشينري بگڙي پوندي.اسين نانڪي ڀاشا ۾ چونداسين تہ، 'ڏاڍو سُٺو ڏهل ٿو وڄائي' تہ اندر اِسپرش ڪانہ ڪندو.

هي ''گيان'' مليو آهي. تنهن ڪري سڄي پيمينٽ ڪري سگهجي ٿي. ڏکين سنجوڳن ۾ تہ هي ''گيان'' ڏاڍو هِتڪاري آهي. گيان جي ٽيسٽنگ ٿي وڃي ٿي. اِئين گيان جي روز پرئڪٽس ڪندا تہ ڪجهہ بہ ٽيسٽنگ ڪانہ ٿيندي. هي هڪ دفعو ڀاري-ڏکيا سنجوڳ آيا تہ سڀ ٽيسٽيڊ ٿي ويندو!

اسين تہ ايترو ئي ڄاڻون ٿا تہ جهڳڙو ڪرڻ ڪان پوءِ جيڪڏهن وائيف سان وهنوار ئي نہ رکڻو هجي تہ ڳالهہ الڳ آهي. پر وري ڳ الهائڻو آهي تہ پوءِ وچ واري سڄي ڀاشا ڪوڙي آهي. هيءُ اسان کي لکشہ (ڌيان) ۾ هوندو آهي تہ ٻن ڪلاڪن ڪانپوءِ واپس پاڻ ۾ ڳالهائڻو آهي تنهن ڪري کِٽ پِٽ ڪانہ ڪنداسين ۽ توهانکي پنهنجو ايپراءِ (مت) بدلڻو نہ هجي تہ پوءِ ڳالهہ نياري آهي. اسان کي پنهنجو مت بدلڻو ئي نہ هجي تہ پوءِ جيڪي (جهڳڙو) ڪيوسين سو برابر آهي. وري واپس وائيف سان گڏ ويهڻ وارا ئي نہ هجو تہ جيڪو جهڳڙو ڪيوءِ سو برابر آهي. پر هيءَ تہ سياڻي گڏ ويهي واپس کائڻ وارا آهيون تہ ڪالهہ جيڪو نانڪ ڪيوسين

# گيان سمجھ

اسان واٽيءَ کي رڪارڊ ڇيو آهي نہ؟ رڪارڊ وڄندي ور-ور
ري اِئين چوي تہ 'موهنيءَ ۾ دماغ ڪانهي موهنيءَ ۾ دماغ
انهي تہ ڇا اسان کي بہ اِئين ڳائڻ گهرجي تہ موهنيءَ ۾
اغ ڪانهي؟'

سڄو ڏينهن ڪم ڪندي ڪندي گهوٽ جو پرتيڪرمڻ
ندو رهڻ گهرجي. هڪ ڏينهن پرتيڪرمڻ ڪرڻ سان ڇهن
هنن جو وير گهٽجي ٿو وڃي ۽ جيڪڏهن اَڌ ڏينهن
تيڪرمڻ ٿئي تہ سمجهو ٽن مهنن جو وير ڪٽجي ٿو وڃي!

شاديءَ کان اڳ گهوٽ سان توهان کي ممتا هئي؟ تہ هيءَ
متا توهان کي ڪڏهن کان لڳي. شاديءَ مهل منڊپ ۾ اگني
وتا جي اڳيان گڏ ويٺا تڏهن پڪ ڪيوءَ تہ هي منهنجو
وٽ آهي؛ ٿوڙو ٿُلهو آهي؛ سانورو آهي، هن بہ پڪ ڪئي تہ
يءَ منهنجي زال آهي. تڏهن کان منهنجو - منهنجو ڇئي
يڪي ورق چڙهيا آهن اُهي چڙهيل ورق هاڻي لڳن ٿا. هاڻي
يءَ پندرهن سالن جي فلم آهي تنهن ۾ هاڻي ڪانهي
هنجو، ڪانهي منهنجو، اَهڙا ورق واپس ورائيندينءَ تڏهن
ي (لڳل) ورق کلندا ۽ ممتا ٽُٽندي. هيءَ شادي ٿي تڏهن
ن ئي مَت (اَيپپرايہ = Opinions)سيئي ڪڙا (ڪنا) ٿيا.
يجيڊُوس ڪڙا ٿيا تہ هي اهڙا آهن هي تهڙا آهن پهرين ڪجھ
ئو؟ هاڻي تہ من ۾ پڪ ڪري ڇڏ تہ جيڪي بہ آهي سو هيءَ
ي ۽ پاڻ پسند ڪري آئي آهيان هاڻي گهوٽ بَدلبو ڇا؟

جنهن جو رستو نہ هجي تنهن کي ڇا ڇئجي؟

تہ نِشَنڪُ تيٽو پوندو تڏهن ئي ڇونڪارو ملندو. ماءُ - پيءُ جي
وچ ۾ جهڳڙن جي ڪري ٻارن جا سنسڪار بگڙن ٿا تنهن ڪري
جيئن ٻارن جا سنسڪار نہ بگڙن تنهن لاءِ ٻنهي کي سمجهي
ڪري نيڪال آڻڻ گهرجي. هيءَ شنڪا ڪَڏهن ڪير؟

اسان جو 'گيان' تہ سمپورڻ نِشنڪ بڻائي ڇڏي اهڙو آهي
آتما جون اَننت شڪتيون آهين.

هيءَ ٿِپائي اسان کي لڳي تہ اُن کي اسين گُنهگار ڪانہ ٿ
ڳڻيون پر پيو ڪو اسان کي ماري تہ هُن کي گُنهگار ڳڻيون ٿا. ڪُت
اسان کي چڪ نہ پائي ۽ صرف ڀؤنڪي تہ اسين اِهو هلائي ٿا ونون
تہ جيڪڏهن ماڻهو اسان کي ماريندو نہ هُجي ۽ خالي ڀؤنڪند
هُجي تہ نيائڻ نہ گهرجي؟ ڀؤنڪڻ معنيٰ 'نوُ اِسپيڪ' بارڪ معني
ڀؤنڪڻ. هيءَ مائي تہ پيئي ڀؤنڪي اِئين چوندا آهن نہ؟ هي
وڪيل پڻ ڪورٽ ۾ ڀؤنڪن ڪانہ ٿا؟ هڪ پاسي هڪ ڪتو
ڀؤنڪي ۽ ٻئي پاسي ٻيو ڪُتو پيو ڀؤنڪيءَ هو جج ٻنهي کي
ڀؤنڪندي ڏسندو ٿو رهي. هي وڪيل نرليپتا ساس ڀؤنڪن ٿ
نہ؟ ڪورٽ ۾ تہ آمهون سامهون، تون هيڙو آهين؛ تون اسان جي
اَسيل مٿان ڪوُڙا اِلزام ٿو مڙهين وغيره ڀؤنڪدا آهن. اسان کي
لڳندو آهي تہ هاڻي ٻاهر نڪري ماراماري ڪندا. پر ٻاهر نڪر
ڪان پوءِ ڏس تہ ٻيئي گڏ ويهي مزي سان چانهہ وينا پيئن!!

**سوال:** تہ دادا، هيءَ ڊِرئميٽڪ وڙهيا چئبو؟

**دادا شري:** نہ. هِن کي پوپٽ-مستي چئبي. ڊِرئميٽڪ ت
گياني پُرش کان سواءِ ٻئيءَ ڪنهن کي ڪانہ ايندو. پوپٽ پاڻ
مستي ڪن تہ اسين ڏکي ويندا سين تہ چاڻ ٻيئي مُئا. پر نہ
ڪانہ ٿا مرن. هيءَ تہ مٿاڇرو پيا هڪ ٻئي کي چهنبيون هڻن
ڪنهن کي لڳي نہ اهڙي طرح پيا چهنبيون هڻن.

ارن ۾ ٻائي صاحبان کي تہ ٻائي صاحب ٿي ايندو نہ!
ڪارو ٿي ڪانهي. هيءَ جڳت ٿي اَهڙو آهي. تنهن ۾ بہ
کي اُهي ڪانہ ٿا وٺن صرف اِئين ڪانهي واپس اُنهن کي
سين ڪانہ ٿا وَٺون! هاڻي هن ۾ مزو ڇا رهيو؟ ويچاروان
ھن کي هن سنسار جي جهنجهٽ ۾ ڦوسائيندو ٿي ڪانہ.

جيڪو ويچار شيل ڪانهي تنهن کي تہ؛ هي جهنجهٽ
ں، تنهن جي بہ خبر ڪانہ ٿي پوي. هن کي ٿُلهي چمڙيءَ
ڇئبو. جيئن ٻوڙي ماڻهوءَ جي اڳيان ڇاهي ڪيتريون بہ
س خانگي ڳالهيون ڪجن تنهن جو ٻوڙي کي ڇا جو
راض؟ ساڳئي ريت اندر جا بہ ائين ٻوڙا هوندا آهن. تنهن
ي اَهڙن کي هن جنجال جو ڪوبہ اَعتراض ڪانهي. باقي
جڳت ۾ مزو ڳولهڻ وڃجي تہ ڇا مزو هوندو؟ هيءُ تہ سڄو
ٿي جڳت آهي. هيءُ تہ گهر ۾ گهپي ڪري، رڙي - روئي
منهن ڌوئي ٻاهر ٿو نڪري! اسين پڇونس نگينداس ڪيئن
و؟تہ چوندو ڏاڍو سُٺو. پر پيارا تنهنجون اکيون تہ آليون
ں. ڀلي منهن ڌوئي نڪتو آهي پر اکيون تہ ڳاڙهيون ڏسڻ ۾
يون نہ؟ تنهن ڪان تہ جيئن آهين تيئن چئُو نہ تہ مونکي
دک آهي. هيءَ تہ سيٺئي ائين ٿا سمجهن تہ هو دکي
هن، مان ٿي دکي آهيان. نہ اَدا! سيٺئي پيا روئن. هِڪ،
گهر ۾ روئي، پوءِ منهن ڌوئي ٻاهر نڪتو آهي.

هيءُ هڪ عجوبو آهي نہ! منهن ڌوئي پوءِ ڇو ٿا ٻاهر
رو؟ ڌوئڻ ڪانسواءِ ٻاهر نڪرو تہ ماڻهن کي خبر پوي تہ سنسار
يترو سُک آهي! مان روئندو ٻاهر نڪران، سيٺئي روئندي
نڪرن تہ خبر پئجي وڃي تہ هي جڳت پولو آهي (ڪوڪلو
